# درود پاڪ

## جا فضائل

سنڌي



- صوف کان وڏو ڏاڍهون کان تنڍو ميوو
- اُهل سُنت جي هڪ نشاني
- بُري شڪل کان نجات
- هڪ واپاريءَ جو واقعو

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: درود شريف جا فضائل

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# درود شريف جا فضائل

پيشڪش المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# درود شريف جا فضائل

دعاء عطار: ياربّ ڪريم! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”درود شريف جا فضائل“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي توفيق ڏي ۽ ان جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم!جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهيو الله پاڪ ان تي 10 رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم ،ص172، حديث:912)

حضرت شيخ ابوعبدالله رصاع رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رحمت انعام کي چوندا آهن (هن روايت جو مطب هي آهي تہ) الله پاڪ دنيا ۽ آخرت ۾ ٻانهي کي مسلسل انعامات سان نوازيندو آهي. قاضي ابو عبدالله سڪاڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله ڪريم جي ”هڪ رحمت“ دنيا ۽ جيڪو ڪجهہ دنيا ۾ آهي ان کان بهتر آهي پوءِ توهان هن جي باري ۾ ڇا گمان ڪيو ٿا جنهن کي الله ڪريم 10 رحمتن کان نوازي، الله پاڪ ڏهہ رحمتن سان هن ٻانهي کان ڪيتريون آفتون، مصيبتون پري ڪندو ۽ ان 10 رحمتن سان ڪيتريون برڪتون حاصل ٿينديون. شيخ ابو عطاء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله ڪريم جنهن تي هڪ رحمت نازل فرمائيندو اها ان جي دنيا ۽ آخرت جي سيني معاملن ۾ ڪفايت ڪندي تہ جنهن تي ڏهہ رحمتون نازل ٿينديون ان جو ڇا عالم هوندو؟ (مطالع المسرات،ص30)

رحمت دا دریا الٰہی ہر دم وگدا تیرا — جے اک قطرہ بخشے مینوں کم بن جاوے میرا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ حقيقت نشان آهي: توهان جي ڏينهَن مان سيني کان افضل ڏينهن جمعو آهي، انهيءَ ڏينهن حضرت آدم صَفيُّ الله پيدا ٿيا، انهيءَ ڏينهن ان جو مبارڪ روح قبض ڪيو ويو، انهيءَ ڏينهن صور ڦوڪيو ويندو ۽ انهيءَ ڏينهن هلاڪت طاري ٿيندي تنهنڪري ان ڏينهن مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪندا ڪيو ڇوته توهان جو درود شريف مون تائين پهچندو آهي. صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: "يارسو لله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان جي وصال کان بعد اوهان تائين درود پاڪ ڪيئن پهچندو.؟ ارشاد فرمايائون ته " الله پاڪ انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ السَّلَام جي جسمن کي زمين تي کائڻ حرام ڪيو آهي." (ابو داود،391/1،حديث: 1047)

تُو زندہ ہے واللہ تو زندہ ہے واللہ

مرے چشمِ عالم سے چُھپ جانے

## پلصراط تي نور

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهڻ پلصراط جي لاءِ نور آهي، جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن اَسّي ڀيرا درود شريف پڙهندو آهي، الله پاڪ ان جا اسي سالن جا گناهه معاف ڪري ڇڏيندو آهي. (جامع صغير، ص320، حديث:5191)

## جمعي جي ڏينهن هزار ڀيرا درود شريف پڙهڻ جي فضيلت

رحمت عالم، نُور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنت نشان آهي: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي هزار ڀيرا درود شريف پڙهندو اهو مرندو نہ جيستائين جنت ۾ پنهنجي جڳهہ نہ ڏسي وٺي.

(الترغيب و الترهيب ، 2 / 328 ، حديث : 22)

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان طواف ڪري رهيو هيس ان دوران هڪ شخص کي هر قدم تي دُرُودِ پاڪ پڙهندي ڏٺو تہ ان کان پڇيا ڪيم: اي ڀاءُ! طواف جي دوران پڙهڻ جون ڀيون دعائون ۽ اذڪار بہ آهن، انهن جي بدران دُرُودِ پاڪ جو وِرد ڪندا پيا وڃو، هن ۾ ڪهڙو راز آهي؟ ان جواب ۾ چيو: مان پنهنجي والدِ گرامي سان گڏ بيتُ الله جي حج جي ارادي سان نڪتس. سفر دوران منهنجو والد صاحب بيمار ٿي پيو، اُن جو چهرو ڪارو (Black) ٿي ويو، اکيون نيريون ٿي ويون ۽ پيٽ ڦوڪجي ويو هو، مون روئيندي هي پڙهيو : اِنَّالِلّٰهِ وَاِنَّآاِلَيهِ رَاجِعُوْنَ (پ٢، البقرة:١٥٦)

ترجَموڪنزالايمان: (**اسان الله جي مِلڪ آهيون، ۽ اسان کي ان جي طرف موٽڻو آهي**) ( ٿوري دير کان پوءِ) انهيءَ ويراني ۾ منهنجي والد جو انتقال ٿي ويو، پوءِ مون ان جي چهري تي چادر وجهي ڇڏي. اوچتو مون تي ننڊ جو غَلَبو اچي ويو ۽ مان سمهي پيس، مون هڪ شخص کي ڏٺو ان کان وڌيڪ حسين وجميل ۽ صاف ستري لباس وارو مون ڪڏهن نہ ڏٺو هو.

هو منهنجي والدِ محترم جي ويجهو تشريف کڻي آيا ۽ ان جي چهري تان چادر هٽائي پنهنجو مبارَڪ هٿ چهري تي ڦيرڻ لڳا. تہ ان جو چهرو

ڪير ڪان وڏيڪ سفيد ٿي ويو. پوءِ ڪين پيٽ تي هٿ ڦيريو ته اهو پهريان وانگر ٿي ويو، پوءِ هو موٽڻ لڳا ته مان ٻيهي رهيس ۽ مون سندن جي چادر کي پڪڙي پڇيو: ياسَيدِي! الله پاڪ اوهان تي رحم فرمائي، اوهان ڪير آهيو؟ جن جي سبب الله پاڪ منهنجي والدِ محترم تي هن ويراني ۾ احسان فرمايو آهي، ان پڇيو: ڇا تون مون کي نٿو سڃاڻين؟ مان مُحَمَّدٌرَّسُوْلُ الله (صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آهيان، تنهنجو پيءُ تمام گهڻو گنهگار هو، پر مون تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهندو هو. جڏهن هو هن بيماريءَ ۾ مُبتَلا ٿيو ته مون سان فرياد ڪيائين ۽ بيشڪ جيڪو مون تي ڪثرت سان دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي، مان ان جي فرياد تي پهچندو آهيان. پوءِ مان بيدار ٿيس ته ڏٺم منهنجي والد سڳوري جو چهرو سفيد ۽ چمڪدار ٿي چڪو هو.[1]

## درود شريف جا مقصد ۽ فائدا

حضرت حليمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهڻ جو هڪ مقصد ته هي آهي ته الله پاڪ جو حڪم پورو ڪري ان جو قرب حاصل ڪيو وڃي ۽ ٻيو هي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اسان تي جيڪو حق آهي ان کي ادا ڪيو وڃي.“

حضرت ابن عبدالسلام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (متوفی660ھ) به ان جي اتباع ڪندي ارشاد فرمايو: ”اسان جو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ موڪلڻ انهن جي لاءِ قطعي طور ڪنهن قسم جي سفارش جو باعث ناهي بڻجندو ڇوته اسان جهڙا انسان ان جهڙي هستي جي شفاعت ڪيئن ٿا ڪري سگهن؟ البته! الله پاڪ اسان کي حڪم ڏنو آهي ته اسان پنهنجي محسنِ اعظم جي احسانن جو بدلو ڏيون ۽ جيڪڏهن ايئن نه ڪري

[1] ۔۔۔ تفسير روح البيان،پاره:22،سورهٔ احزاب،زيرِ آيت:56 ،جلد:7،صفحه:225 ۔

سگھون تہ ان جي حق ۾ دعا ڪيون. پوءِ الله پاڪ اسان جي حالت جي پيش نظر جو اسان پنهنجي نبي جي احسانن جو بدلو ڏيڻ ڪان عاجز آهيون تہ ان ڪري اسان ڪي انهن تي دورد شريف پڙهڻ جي تعليم ارشاد فرمائي. “ حضرت شيخ ابو محمد مرجاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪان بہ ڪجھ انهيءَ طرح جو ڪلام منقول آهي.

حضرت قاضي ابوبڪر ابن العربي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (متوفی543ھ) ارشاد فرمائن ٿا: ”حضور نبي رحمت، شفيع اُمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهڻ جو فائدو خود پڙهڻ واري ڪي ٿيندو آهي ڇوتہ هي ڳالھ چڱي عقيدي، خالص نيت، اظهارِ محبت، هميشہ فرمانبردار رهڻ ۽ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي واسطي ڪي محترم سمجهڻ تي رهنمائي ڪري ٿي.

(المواہب اللدنیۃ للقسطلانی ، 504/2تا506)

حضرت اَبُوالمواهب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ڪي خواب ۾ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”قيامت جي ڏينهن تون هڪ لک ماڻهن جي شفاعت ڪندي.“ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان ان جي قابل ڪيئن ٿيس؟ تہ ارشاد فرمايائون: انهيءَ ڪري جو تون مون تي درود شريف پڙهي ڪري ان جو ثواب مون ڏانهن موڪليندو آهين.

(الطبقات للشعرانی ، رقم:318 ، 2 /101)

حضرت حَسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو بہ حوضِ ڪوثر مان پريل پيالو پيئڻ چاهي تو ان ڪي گهرجي تہ هيءُ درود شريف پڙهندو ڪري. اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَ اَوْلَادِهٖ وَاَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيَّتِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ وَاَصْهَارِهٖ وَاَنْصَارِهٖ وَاَشْيَاعِهٖ وَمُحِبِّيْهِ وَاُمَّتِهٖ وَعَلَيْنَا مَعَهُمْ اَجْمَعِيْنَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ.(الشفا، جزء ثانی، ص72)

## صوف ڪان وڌو ڏاڙهون ڪان ننڍو ميوو

اميرالمؤمنين حضرت عليُّ المرتضي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪان روايت آهي تہ الله

پاڪ جنّت ۾ هڪ وڻ پيدا فرمايو آهي جنهن جو ميوو صوف کان وڏو آهي، ڏاڙهون کان ننڍو، مکڻ کان نرم، ماکيءَ کان به مٺو ۽ مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار آهي. ان وڻ جون ٽاريون موتيءَ جون، ٿُڙ سون جا ۽ پنَ زَبرجَد جا آهن. لَا يَأكُلُ مِنْهَا اِلَّا مَنْ اَكْثَرَ مِنَ الصَّلَاةِ عَلٰى مُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم ان وڻ جو ميوو صرف اهو ئي کائي سگهندو جيڪو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان دُرودِ پاڪ پڙهندو. (الحاوی للفتاوی،48/2)

## جنت ڪُشادي ٿي ويندي آهي

حضرت عبدالعزيز دبّاغ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دورد پاڪ پڙهڻ جي هڪ برڪت اها آهي ته جنت جي اطراف ۾ رهندڙ ملائڪ جڏهن نبي ڪريم، رؤف رّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهندا آهن ته جنّت ڪُشادي ٿي ويندي آهي. ( الابريز،338/2)

## هر مصيبت ۾ مدد

حضرت شيخ ابوبڪر شبلي بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون پنهنجي مري ويل پاڙيسري کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: الله پاڪ اوهان سان ڇا معاملو فرمايو؟ ان چيو: مون وڏين سختين کي منهن ڏنو، منڪر نڪير (قبر ۾ امتحان وٺڻ وارن ملائڪن) جا سوال جواب به نه پئي ڏئي سگهيس، مون دل ۾ خيال ڪيو ته شايد منهنجو خاتمو ايمان تي نه ٿيو! ايتري ۾ آواز آيو: دنيا ۾ زبان جي غير ضروري استعمال جي ڪري توکي هي سزا ڏني پئي وڃي. هاڻي عذاب جا ملائڪ منهنجي طرف وڌيا، ايتري ۾ هڪ صاحب جيڪو نهايت خوبصورت ۽ خوشبودار هيو، اهو منهنجي ۽ عذاب جي وچ ۾ اچي ويو ۽ ان مون کي منڪر نڪيرن جي سوالن جا جواب ياد ڏياريا ۽ مون انهيءَ طرح

جواب ڏنا، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! عذاب مون کان پري ٿي ويو. مون ان بُزرگ کي عرض ڪيو: الله پاڪ اوهان تي رحم فرمائي اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: مان توهان جي گهڻو درود شريف پڙهڻ جي برڪت سان پيدا ٿيو آهيان ۽ مون کي هر مصيبت جي وقت تنهنجي مدد ڪرڻ جي ذميداري ڏني وئي آهي.[1]

آپ کا نامِ نامی اے صلِّ علیٰ | ہر جگہ ہر مصیبت میں کام آگیا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب | صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قبر ۾ آقا چو نتا اچي سگهن!

سبحان الله! درود شريف جي ڪثرت جي برڪت سان مدد ڪرڻ جي لاءِ قبر ۾ جڏهن ملائڪ اچي سگهن ٿا ته تمام ملائڪن جا به آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم چو نتا فرمائي سگهن! ڪنهن بلڪل سچ چيو آهي.

میں قبر اندھیری میں گھبراؤں گا جب تنہا | اِمداد مری کرنے آجانا مرے آقا
روشن مِری تُربت کو لِلّٰہ شَہا کرنا | جب وقتِ نزع آئے دیدار عطا کرنا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب | صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عاشقِ درود ۽ سلام جو مقام

حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ ڏينهن بغداد شريف جي وڏي عالم حضرت ابوبڪر بن مجاهد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وٽ تشريف ڪٺي آيا ته انهن يڪدم اٿي ڪين سيني سان لڳايو ۽ پيشاني چمي ڪري نهايت تعظيم

[1] القول البديع، ص 260

سان پاڻ وٽ ويهاريو، حاضرين عرض ڪيو: ياسيدي اوهان ۽ اهل بغداد ڪالهه تائين هن ڪي ديوانو چوندا رهيا پر هاڻي انهن جي ايتري قدر تعظيم چو؟ جواب ڏنائون: مون ايئن ئي اهو ناهي ڪيو ؟ الحمدلله! اڄ رات مون خواب ۾ هيءُ ايمان افروز منظر ڏٺو تہ ابوبڪر شبلي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هيا، سرڪار دوعالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اٿي ڪري کين سيني سان لڳايو ۽ پيشاني چمي ڪري پنهنجي پرسان ويهاري ڇڏيو، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! شبلي تي ايتري قدر شفقت جي وجهہ؟ الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (غيب جي خبر ڏيندي) فرمايو تہ هي هر نماز کان بعد هي آيت پڙهندو آهي.

﴿لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِیْزٌ عَلَیْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِیْصٌ عَلَیْكُمْ بِالْمُؤْمِنِیْنَ رَءُوْفٌ رَّحِیْمٌ(۱۲۸)﴾

۽ ان کان بعد مون تي درود شريف پڙهندو آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب      صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## درود پاڪ لکڻ واري جي مغفرت ٿي وئي

حضرت سفيان بن عُيينہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجو هڪ ديني ياءُ هو، مرڻ کان بعد ان کي خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَافَعَلَ اللّٰهُ بِكَ ؟ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائين: الله پاڪ مونکي بخشي ڇڏيو. مون پڇيو: ڪهڙي عمل جي سبب؟ چوڻ لڳو: مان حديث لکندو هيس جڏهن بہ شاهِ خيرُالْاَنام صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ايندو هيو تہ مان ثواب جي نيت سان "صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] القول البديع ص 346

“ لکندو هيس، انهيءَ تي عمل جي برڪت سان منهنجي مغفرت ٿي وئي. (القول البد يع، ص463)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

مالڪ جنت، ساقي ڪوثر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:

لَيَرِدَنَّ الْحَوْضَ عَلَيَّ اَقْوَامٌ مَّا اَعْرِفُهُمْ اِلَّا بِكَثْرَةِ الصَّلَاةِ عَلَيَّ

يعني حوض ڪوثر تي ڪجهه ماڻهو مون وٽ ايندا جن کي مان ڪثرت سان درود پڙهڻ جي سبب سُڃاڻي وٺندس. (القول البديع،ص 264)

## اهل سنت جي هڪ نشاني

حضرت امام زين العابدين علي بن حُسين بن علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم فرمائن ٿا: عَلَامَةُ اَهْلِ السُّنَّةِ كَثْرَةُ الصَّلَاةِ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰه يعني رَسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ اهلِ سنت جي نشاني آهي. (القول البديع، ص 131)

## دردءِ سوڄ ختم ٿي وئي

حضرت عبدُ الرَّحمٰن بن اَحمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ دفعي غُسل دوران (حَمَّام ۾ ڪِرڻ سبب مون کي هٿن ۾ سخت تڪليف محسوس ٿي رهي هئي، پوءِ منهنجي هٿن ۾ سُوڄ بہ ٿي پئي، انهيءَ تڪليف جي عالَم ۾ مون کي ننڊ اچي وئي، سُتس تہ خَواب ۾ جنابِ رسالتِ مآب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ چهرو نظر آيو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: اي منهنجا پٽ! تنهنجي دُرُود مون کي (توهان ڏانهن) مُتَوَجِّہ ڪيو. صُبح اُٿيس تہ مُصطَفٰي جانِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بَرَڪت سان سُوڄ ۽ دَرد جو نالو نشان تائين مٽجي چُڪو هو. ( القول البديع،ص328 ملتقطا)

## حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تي وحي آئي

الله پاڪ حضرت موسٰي ڪليم الله عَلَيۡهِ السَّلَام تي وحي نازل فرمائي: اي موسٰي(عَلَيۡهِ السَّلَام)! ڇا تون چاهين ٿو جيترو تنهنجو ڪلام تنهنجي زبان جي ويجهو آهي، تنهنجا خيالات تنهنجي دل جي ويجهو آهن، تنهنجو روح تنهنجي بدن جي ويجهو آهي، تنهنجي نظر جي روشني تنهنجي اکين جي ويجهو آهي، مان ان کان بہ وڌيڪ تنهنجي ويجهو ٿي وڃان؟ عرض ڪيائين، جي ها! الله پاڪ فرمايو: پوءِ محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود شريف موڪل.

(حلية الاولياء، 33/6، رقم: 7716).

نوح و خلیل و موسیٰ و عیسیٰ — سب کا ہے آقا نامِ محمد
پائیں مرادیں دونوں جہاں میں — جس نے پکارا نامِ محمد

دونوں جہاں میں دنیا و دیں میں — ہے اِک وسیلہ نامِ محمد

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب — صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

حضرت امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي ڪتاب ”شرحُ الصُّدور“ ۾ لکن ٿا: حضور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حيات ظاهري ۾ فوت ٿيڻ واري وٽ هي چيو ويندو هيو: اي الله پاڪ! فلاڻي بن فلاڻي جي مغفرت فرماءِ، پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قرب نصيب ڪر، ان کي دوست رک ۽ ان جي روح کي صالحن جي روحن سان رک، اسان کي ان سان گڏ اهڙي گهر ۾ جمع فرماءِ جنهن ۾ صحت باقي رهي، ڏک ۽ ٿڪاوٽ پري ٿئي. پڻ بارگاهِ رسالت ۾ لاڳيتو درود پاڪ پڙهيو ويندو هيو، ايستائين جو ان جو روح قبض ڪيو ويندو هو. (شرح الصدور ،ص37)

## ڪتاب ۾ درود شريف لکڻ جي برڪت

حضرت عبدالله بن صالح صوفي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان مروي آهي تہ هڪ مُحدّث کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو ويو: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو ڪيو؟ چيائين: مونکي بخشي ڇڏيو: پڇيو ويو: ڪهڙي سبب؟ چيائين: پنهنجي ڪتابن ۾ حضُور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود لکڻ جي سبب. (تاريخ ابن عساکر ، 54 / 113، رقم : 6646)

## درودِ پاڪ جي برڪت

حضرتِ حَفص بن عبدُالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي تہ مون اِمام اَلْمُحَدِّثِين حضرتِ اَبُو زُرعَہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي سندن وَفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو تہ هو آسمان تي ملائڪن سان گڏ نماز پڙهي رهيا آهن. مون پڇا ڪئي: اي اَبُو زُرعَہ! اوهان کي اهو اِعزاز ۽ مرتبو ڪيئن مليو؟ انهن اِرشاد فرمايو: ”مون پنهنجي هٿ سان هڪ لک حَديثون لکيون آهن ۽ مان هر حديث ۾ دُرود پاڪ پڙهندو هئس ۽ نبي رَحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ صَلَاةً صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ بِهَا عَشْرًا يعني جيڪو مُسَلمان هڪ ڀيرو مون تي دُرُود شريف موڪليندو آهي تہ الله پاڪ ان جي بدلي ان تي ڏهہ رَحمتون نازِل ڪندو آهي. (تاريخ بغداد ، 10/ 334 ، رقم : 5469)

## ميّت کي خواب ۾ ڏسڻ جو عمل (حاشيو)

هڪ عورت حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: منهنجي جوان ڌيءَ فوت ٿي وئي آهي ڪو طريقو ارشاد فرمايو جو مان ان کي خواب ۾ ڏسي وٺان. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي عمل ٻڌايائون. ان پنهنجي مرحوم ڌيءَ کي خواب (Dream) ۾ اهڙي حالت ۾ ڏٺو جو اُن جي بدن تي تارڪول (يعني ڏامر) جو لباس، ڳچيءَ ۾ زنجير ۽ پيرن ۾ زنجيرون آهن! ان عورت اهو

خواب حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڏٺايو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهو ڏسي ڏاڍا غمگين ٿيا. ڪجهه عرصي کان پوءِ حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خواب ۾ هڪ ڇوڪريءَ کي ڏٺو. جيڪا جنّت ۾ هئي ۽ ان جي مٿي تي تاج پاتل هو. ان چيو: ڇا اوهان مون کي نہ سڃاتو، مان انهيءَ عورت جي ڌيءَ آهيان، جنهن اوهان کي منهنجي حالت ٻڌائي هُئي، حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ڪهڙي سبب جي ڪري آءُ توهان جي حالت بدليل ڏسي رهيو آهيان؟” مرحوم ڇوڪري چوڻ لڳي: قبرستان جي قريب کان هڪ شخص گذريو ۽ ان شخص نبي ڪريم صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف موڪليو، ان جي درود شريف جي برڪت سان الله پاڪ اسان 550 قبر وارن تان عذاب ڪٽي ورتو. .( مڪاشفة القلوب، الباب السابع، ص ٢٤ بتغير قليل)

نڪتو: مفتي تقدس علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هتي وضاحت فرمائن ٿا: غور جو مقام آهي تہ حضور صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هڪ شخص جي درود موڪلڻ جي برڪت سان ايترا ماڻهو بخشيا ويا، ڇا اهو شخص جيڪو 50 سالن کان حضور صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرود موڪلي رهيو هجي. قيامت جي ڏينهن ان جي مغفرت کانہ ٿيندي.! (مڪاشفة القلوب،ص24)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جسم ۽ روح جي سلامتي

ڪنهن عقلمند جو قول آهي تہ جسم جي سلامتي گهٽ کائڻ ۾ آهي ۽ روح جي بقا گهٽ گناهن ۾ آهي ۽ ايمان جي سلامتي حضور نبي ڪريم رؤف رحيم صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي صلوات و سلام پڙهڻ ۾ آهي.

(مڪاشفة القلوب، ص 9)

## بُري شڪل کان نجات

ڇون ٿا تہ هڪ ماڻهو جنگل ۾ هڪ بُري شڪل کي ڏسي پڇيو: تون

ڪير آهين؟ ان جواب ڏنو مان تنهنجو بُرو عمل آهيان، ان انسان پڇيو: توکان نجات جي بہ ڪا صورت آهي؟ ان جواب ڏنو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دورد پڙهڻ. (مڪاشفة القلوب،ص30)

## درود شريف نہ پڙهڻ واري کان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اعراض

هڪ شخص حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف نہ موڪليندو هيو، هڪ رات ان خواب ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي طرف توجهہ نہ فرمائي، ان عرض ڪيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا اوهان مون سان ناراض آهيو جو توجهہ نہ فرمائي؟ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: نہ! مان توکي سڃاڻان ئي نٿو، عرض ڪيو ويو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ڪيئن نٿا سڃاڻو حالانڪ عالم سڳورا چون ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي امتين کي سندن ماءُ کان بہ وڌيڪ سڃاڻن ٿا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايائون: عالمن سچ چيو آهي پر تو مون تي درود موڪلي ڪري پنهنجي ياد ناهي ڏياري، منهنجو ڪوبہ امتي مون تي جيترو درود شريف پڙهندو آهي مان ان کي اوترو ئي وڌيڪ سڃاڻندو آهيان، ان شخص جي دل ۾ اها ڳالهہ ويهي وئي ۽ ان روزانو هڪ سؤ ڀيرا درود شريف پڙهڻ شروع ڪيو، ٿوري ئي عرصي بعد خواب ۾ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار نصيب ٿيو، پاڻ فرمايائون: مان هاڻي توکي سڃاڻان تو ۽ مان تنهنجي شفاعت فرمائيندس. (مڪاشفة القلوب،ص30)

## درندي کان نجات ڪيئن ملي؟

حضرت ابو الحسن علي شاذلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ جنگ ۾ هئا اوچتو انهن جي سامهون هڪ درندو(وحشي جانور) اچي ويو انهن کي پنهنجي جان وڃڻ جي فڪر لڳي، سو انهن خوفزده ٿي ڪري نبي ڪريم(صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي پاڪ ذات تي درود و سلام پڙهڻ شروع ڪري ڏنو جنهن جي

برڪت سان سندن کي هن درندي کان نجات ملي وئي ۽ ڪين جان بچي وئي. (سعادة الدارين،ص152)

حضرت عبدالله بن سلام رَضِیَ اللہ عَنْہُ پنهنجي ياء حضرت عثمان رَضِیَ اللہ عَنْہُ کان ملاقات جي لاءِ ويا، هُو تمام گهڻا خوش نظر اچي رهيا هئا، (خوشي جو سبب پڇيو ويو ته) ٻڌايائون ته اڄ رات مان خواب ۾ پياري مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ديدار سان مشرف ٿيس، پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي هڪ ڏول(يعني ٿانءُ) عطا ڪيو، جنهن ۾ پاڻي هيو، مون پيٽ ڀري پاڻي پيتو، جنهن جي ٿڌاڻ اڃا تائين محسوس ڪري رهيو آهيان. حضرت عبدالله رَضِیَ اللہ عَنْہُ پڇيو: اوهان کي هي مقام ڪيئن حاصل ٿيو؟ فرمايائون: حضور نبي اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي سبب. (سعادةالدارين ،ص149)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## درود و سلام پڙهڻ جي برڪت

ابو عَرُوبہ الحراثي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو معمول هيو ته سندس سامهون جڏهن به ڪو حديثون پڙهندو هيو ته پاڻ درود و سلام پڙهڻ کان سواءِ نه رهندا هئا ۽ خوب شوق سان پڙهندا هئا ۽ چوندا هئا ته حديث شريف پڙهڻ جي هڪ برڪت اها آهي ته دنيا ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ۽ آخرت ۾ ان شاءالله جنت جون نعمتون ملنديون.

(سعادة الدارين ، ص198)

## درود شريف جي برڪت (اقعو)

حضرت شيخ حُسين بن احمد ڪَوّازي بِساطي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: مون الله پاڪ کان هي دعا ڪئي ته (ياالله پاڪ!) مان خواب ۾ اَبُوصالح مُؤذن رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ کي ڏسڻ چاهيان ٿو. (منهنجي دعا قبول ٿي ۽) مون خواب ۾ انهن کي چڱي حالت ۾ ڏسي ڪري پڇيو: اي اَبو صالح!

اوهان ڪيئن آهيو؟ فرمايائون: اي اَبُو الحسن! جيڪڏهن سرڪار صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات گرامي تي درود شريف جي ڪثرت نہ ڪيان ها تہ مان هلاڪ (يعني برباد) ٿي وڃان ها. (سعادت الدارين ،ص 136)

ذاتِ والا پہ بار بار دُرود　　بار بار اور بے شمار دُرود

بیٹھتے اٹھتے جاگتے سوتے　　ہو الٰہی مرا شعار دُرود

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هر درد جي دوا

هڪ ڀيري خليفہ هارون رشيد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بيمار ٿي پيا، ڏاڍو علاج ڪرايائون پر شفا نہ ملي سگهي. انهيءَ صورتحال ۾ ڇهہ مهينا گذري ويا. هڪ ڏينهن انهن کي خبر پئي تہ حضرت ابوبڪر شبلي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه محل جي پرسان گذري رهيا آهن تہ خليفي ڪين تشريف ڪٺي اچڻ جو عرض ڪيو. جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تشريف ڪٺي آيا تہ خليفي کي ڏسي فرمايائون: فڪر نہ ڪيو الله پاڪ جي رحمت سان اڄ ئي آرام اچي ويندو. پوءِ پاڻ درود شريف پڙهي ڪري خليفي جي جسم تي هٿ ڦيريو تہ اهي انهيءَ وقت تندرست ٿي ويا. (راحت القلوب( فارسی)، ص 50)

ہر دَرد کی دوا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد　　تعویذِ ہر بلا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ واپاري جو واقعو

هڪ واپاري وڏو خوشحال هو، ڪاروبار چڱو ڀلو هلي رهيو هيس، پيسن جي بہ گهٽائي هيس، پوءِ وقت ڦيرو کاڌو، ان واپاريءَ جون

مالي حالتون خراب ٿيڻ لڳيون، ڪاروبار ۾ نقصان ٿيندي ٿيندي نوبت ايستائين اچي پهتي جو ان جو ڪاروبار بلڪل ختم ٿي ويو ۽ اهو ويچارو **بلڪل** سُڃو ٿي ويو. ان ڪنهن دوست کان ٽي هزار(3000) دِينار (سون جا سِڪا) قرض ورتو هو ۽ واپسي جي تاريخ مقرر هئي، قرض خواه مقرر تاريخ تي قرض جي واپسي جو مطالبو ڪيو، ان ويچاري معذرت ڪئي ته ادا مان مجبور آهيان، مون وٽ ڪابه شيءِ نه آهي، قرض خواه قاضي وٽ ڪيس داخل ڪري ڇڏيو، قاضي صاحب ان مقروض واپاريءَ کي گهرايو ۽ مقدمي جي باقاعده ٻڌڻي کان پوءِ ان مقروض واپاري کي هڪ مهيني جي مهلت ڏني وئي ۽ تاڪيد ڪيائين ته ان مدت ۾ ضرور قرض جي واپسي جو انتظام ڪري وٺجان. اهو مقروض واپاري گهڻو پريشان ٿيو، سوچڻ لڳو ته ڇا ڪيان؟ ممڪن آهي ته ان ڪٿي پڙهيو هجي يا عالمن کان ٻڌو هجي ته رسول الله ﷺ جو ارشادِ گرامي آهي: جنهن ٻانهي تي ڪا مصيبت، ڪا پريشاني اچي ته هو مون تي **درودِ پاڪ جي ڪثرت** ڪري، ڇوته درودِ پاڪ مصيبتن ۽ پريشانين کي ختم ڪندو آهي ۽ رِزق وڌائيندو آهي. آخرڪار ان عاجزي سان مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي دُرُودِ پاڪ پڙهڻ شروع ڪيو، جڏهن ستاويهه (27) ڏينهن گذري ويا ته ان رات جو هڪ خواب ڏٺو، ڪو چوڻ وارو چئي رهيو آهي: اي شخص! تون پريشان نه ٿيءُ، الله ڪريم وڏو ڪارساز آهي تنهنجو قرض ادا ٿي ويندو. تون سلطنت جي وزير علي بن عيسىٰ وٽ وڃ ۽ ان کي چئو ته مون کي قرض ادا ڪرڻ جي لاءِ ٽي هزار (3000) دِينار ڏئي. ان مقروض واپاري جو چوڻ آهي ته مان جڏهن بيدار ٿيس ته ڏاڍو خوش هئس، پريشاني ختم ٿي چڪي هئي، پر پوءِ اهو خيال به ايندو رهيو ته جيڪڏهن وزير صاحب ڪو دليل يا نشاني گهري ته مون وٽ ته ڪو دليل به نه آهي.

اهو ئي سوچندي ٻي رات اچي وئي جڏهن مان سُتس تہ قسمت جاڳي پئي، مون کي رسول اڪرم، رحمتِ عالمصَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ديدار نصيب ٿي ويو، حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ بہ علي بن عيسيٰ وزير وٽ وڃڻ جو حڪم ڏنو، جڏهن اک کلي تہ خوشي جي انتها نہ هئي، ٽئين رات وري اُمت جا واليصَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَتشريف فرما ٿين ٿا ۽ وري حڪم فرمائن ٿا تہ وزير علي بن عيسي وٽ وڃو ۽ ان کي اهو فرمان ٻڌايو، عرض ڪيم: يارَسُولَ اللّٰه! صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪا نشاني يا دليل ارشاد فرمايو جيڪو مان ان وزير کي ٻڌايان. اهو ٻڌي سوالين جون جهوليون ڀرڻ واري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايوتہ جيڪڏهن وزير توڪان نشاني پڇا ڪري تہ چئي ڇڏجان تہ تون نمازِ فجر کان پوءِ ڪنهن سان ڳالهائڻ کان پهريان رَسُولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ذات مٿان پنج هزار (5000) ڀيرا درودِ پاڪ پڙهندو آهين، جنهن کي اللّٰه ڪريم ۽ ڪراماً ڪاتبين کانسواءِ ڪو نٿو ڄاڻي. اهو فرمائي رحمت عالم، نورِ مجسّمصَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تشريف وٺي ويا، مان بيدار ٿيس، فجر نماز کان پوءِ مسجد کان ٻاهر ٻير رڪندي غور ڪيم تہ معلوم ٿيو تہ اڄ مهلت کي پورو هڪ مهينو گذري چڪو هو. مان وزير صاحب جي رهائش گاهہ تي پهتس ۽ وزير صاحب کي سڄو واقعو ٻڌايم، جڏهن وزير صاحب ڪا نشاني گهري تہ مون سندن کي آقا ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ارشاد ٻڌايو تہ وزير صاحب خوشي ۽ مسرت سان جُهومي پيو، گهر ويو ۽ نوَ هزار (9000) دِينار ساڻ کڻي آيو، اُنهن مان ٽي (3000) هزار ڳڻي منهنجي جهولي ۾ وڌائين ۽ چيائين: هي ٽي هزار(3000) قرض جي ادائيگي جي لاءِ آهن، ان کانپوءِ ٽي هزار(3000) ٻيا ڏنائين ۽ چيائين: هي تنهنجي ٻارن جي خرچ پکي جي لاءِ آهن. وري ٽي هزار(3000) ٻيا ڏئي چيائين: هي تنهنجي ڪاروبار جي لاءِ آهن. جڏهن مون کي رخصت ڪرڻ لڳو تہ

قسم ڏئي چيائين: اي ياءُ! تُون منهنجو دِيني ۽ ايماني ڀاءُ آهين، خدارا! اهو محبت وارو تعلق نہ ٽوڙجان ۽ جڏهن بہ ڪو ڪم هجي، ڪنهن شيء جي ضرورت هجي تہ بنا روڪ ٽوڪ جي اچي وڃجان، مان اوهان جو مسئلو دل ۽ جان سان حل ڪري ڇڏيندس.

واپاري شخص جو وڌيڪ بيان آهي تہ مان اها رقم ڪٺي ستو قاضي صاحب جي عدالت ۾ پهچي ويس ۽ جڏهن ڏرين ڪي گهرايو ويو تہ مان اڳتي وڌيس ۽ ٽي هزار(3000) دِينار ڳڻي قاضي صاحب جي اڳيان رکي ڇڏيم. جنهن تي قاضي صاحب سوال ڪيو تہ ٻڌاءِ تو ايتري ساري رقم ڪٿان آندي آهي؟ جڏهن تہ تون سُجو هئين. مون سجو ماجرو بيان ڪيو، قاضي صاحب اهو ٻڌي خاموش ٿي ويو، پوءِ اٿي پنهنجي گهر ويو ۽ گهران ٽي هزار (3000) دينار ڪٺي آيو ۽ چوڻ لڳو: سڄيون برڪتون وزير صاحب ئي چو ماڻي، مان بہ تہ انهيء در جو غلام آهيان، تنهنجو اهو سمورو قرض مان پنهنجي ڪيسي مان ادا ڪندُس. جڏهن قرض خواه اهو ماجرو ڏٺو تہ اهو چوڻ لڳو تہ تمام رحمتون توهان ئي چو ماڻيو، مان بہ ان جي رحمت جو حقدار آهيان.'' اهو چئي ان لکي ڏٺو تہ مون اللّٰہ ڪريم ۽ ان جي رسولِ عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رِضا جي لاءِ هن ٻانهي جو قرض معاف ڪيو. اهو ڏسي ان مقروض واپاري قاضي صاحب کي چيو: جناب اوهان جي تمام گهڻي مهرباني. اوهان پنهنجي رقم سنڀالي وٺو، هاڻي مون کي ان جي ضرورت ناهي رهي. ان تي قاضي صاحب چوڻ لڳو: مون اللّٰہ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت ۾ جيڪي دِينار آندا آهن اهي واپس وٺڻ لاءِ بلڪل تيار نہ آهيان، اهي اوهان جا ئي آهن هنن کي ڪٺي وڃو. اهو واپاري چوڻ لڳو: مان جيڪو پهريان قرض ۾ ٻڌل هئس هاڻي اهي ٻارهن هزار (12000) دِينار ڪٺي گهر موٽيس، منهنجو قرض بہ معاف ٿي ويو، گهر جي لاءِ

خرچ بہ ملي ويو ۽ ڪاروبار ڪرڻ جي لاءِ بہ چڱي ڀلي رقم ملي وئي. اهي تمام برڪتون درودِ پاڪ پڙهڻ جي ڪري ظاهر ٿيون.
(جذب القلوب،ص ۲۳۷بتصرف)

مشکل جو سر پہ آپڑی تیرے ہی نام سے ٹلی
مشکل کشا ہے تیرا نام تجھ پر درود اور سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## درود پاڪ جون برڪتون


حضرت سَيدُنا شيخ عبدُالحق مُحدِّثِ دِهلَوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا :☆ دُرُود شريف سان مصيبتون ٽرن ٿيون، ☆ بيمارين کان شِفا حاصل ٿيندي آهي، ☆ خوف دور ٿيندو آهي، ☆ ظُلم کان نُجات حاصل ٿيندي آهي، ☆دُشمنن تي فَتح (Victory) حاصل ٿيندي آهي، * الله پاڪ جي رِضا حاصل ٿيندي آهي ۽ دل ۾ ان جي مَحَبَّت پيدا ٿيندي آهي، ☆ ملائڪ ان جو ذِڪر ڪندا آهن، ☆ عملن جي تڪميل ٿيندي آهي، ☆ دل ۽ جان، اسباب ۽ مال جي پاڪيزگي حاصل ٿيندي آهي، ☆ پڙهڻ وارو خُوشحال ٿي ويندو آهي، ☆ بَرَڪتون حاصل ٿينديون آهن، ☆ اَولاد دَر اَولاد چار نسلن تائين بَرَڪت رهندي آهي، ☆ دُرُود شريف پڙهڻ سان قِيامت جي هولناڪين کان نجات ملندي آهي، ☆ موت جي سختين ۾ آساني ٿيندي آهي، ☆ دنيا جي تباه ڪارين کان نجات ملندي آهي، ☆ تنگدستي (Poverty) پري ٿيندي آهي، ☆ وسري ويل شيون ياد

اينديون آهن، ☆ ملائڪ دُرُود پاڪ پڙهڻ واري کي گهيري وٺندا آهن، ☆ دُرُود شريف پڙهڻ وارو جڏهن پُل صِراط تان گُذرندو ته نُور ڦهلجي ويندو ۽ هو ان ۾ ثابِت قدم تي اک ڇنڀ جيتري ٽائم ۾ نَجات ماڻي ويندو، ☆ وڏي عظيم سَعادت هي آهي ته دُرُود شريف پڙهڻ واري جو نالو حُضُور سراپا نُور، فيضِ گنجور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، ☆ تاجدارِ مدينه، قرارِ قلب و سِينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت وڌندي آهي، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون خوبيون دل ۾ رهنديون آهن، ☆ ڪثرتِ دُرُود شريف سان حُضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو تصوُّر ذِهن ۾ قائم ٿي ويندو آهي، ☆ خُوش نَصيبن کي قُربتِ مُصطَفٰي نصيب ٿيندي آهي، ☆ خَواب ۾ مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو دِيدار نصيب ٿيندو آهي، ☆ دُرودشريف پڙهڻ واري کي ملائڪ مرحبا چوندا آهن، ۽ مَحَبَّت رکندا آهن، ☆ ملائڪ ان جي دُرُود کي سون جي قَلمن کان چاندي جي تختين تي لکندا آهن ۽ اُن جي لاءِ بخشش جي دُعا ڪندا آهن ۽ زمين تي سير ڪندڙ ملائڪ ان جي دُرُود شريف کي مدَني سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاه بيڪس پناه ۾ پڙهڻ واري ۽ ان جي پيءُ جي نالي سان گڏ پيش ڪندا آهن.

(جذب القلوب، ص 229 ملخصاًـ تاريخ مدينه ، مترجم، ص 326 ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net